## آهيون الف آسري، مُحمّد مجيوسون

حضرت شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه 1102ھ/ 1690ع ۾ ڄائو سندس پيءُ جو نالو سيد حبيب شاهه آهي. شاهه صاحبؒ سير سفر جو ڪوڏيو هو. راڳ سان بہ سندس گهڻي دلچسپي هئي. شاهه سائينءَ جي ڪلام جو ڪتاب "شاهه جو رسالو" سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم دستاويز آهي. سندس ڪلام تصوف جو رنگَ ۾ رڱيل آهي. هو "سنڌ سڪار" سان گڏ "عالم سڀ آباد ڪرين" جي دعا ٿو گهري. سندس ڪلام صحيح معنيٰ ۾ آفاقي آهي.

شاهه سائينءَ 14 صفر 1165ھ تي بمطابق 1752ع ۾ وفات ڪئي. هر سال انهيءَ تاريخ تي ڀٽ شاهه تي ميلو لڳندو آهي.

### وائي

جن جو وارث ٿُون، اَلا، سي ڪيئن رهندا نيڻ منهنجا،
آڳــي أيِ خلــقيــا، ڀَلــي خلــقيائيــن ڀُــون،
جــن جــو وارث ٿــون!

جــوڙيائين جــهــانَ ڪــي، چئي ڪُــن فيڪُون،
جــن جــو وارث ٿــون!

كوڙين دنيا ڪُوڙا پَسارا، ڏينهن مِڙوئِي ڏُون،
جن جو وارث ٿون!
آهيون الف آسري، مُحمّد مجيو سُون،
جن جو وارث ٿون!

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- اُپ ۽ پون ڪنهن خلقيا آهن؟
2- هيءَ ڪُوڙي دنيا گهٽا ڏينهن آهي؟
3- اسين ڪنهن جي آسري آهيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

آڳي – اُپ – پلي – پُون – پسارا – ڏُون.

(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:

آڳي – اُپ – پلي – ڪُوڙي.

(د) هيٺ ڏنل شعر مڪمل ڪريو:

- جوڙيائين جهان کي، چئي ..........................
- ڪوڙي دنيا، ڪوڙا .......................... ڏينهن مڙوئي ڏُون.
- آهيون الف آسري، مُحمّد ..................................

(هه) اهڙا ضمير جيڪي ڪن اسمن ڏي اشارو ڪن ٿا، تن کي ضمير اشارو چئبو آهي: اُهي ٻن قسمن جا آهن: ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏُور، "هيءَ" "هِن" ضمير اشارو ويجهو لاءِ ڪم ايندا آهن. توهين انهن کي پنهنجي جملن ۾ ڪتب آڻيو.